SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XXXI مجريہ 1994

SINDH ACT NO.XXXI OF 1994

سنڌ سروس ٽريبيونلس (ترميم) ايڪٽ، 1994

THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ACT, 1994

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act XV of 1973

3. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعہ 3_E ۽ 3_F جو اضافو
Insertion of sections 3_E and 3_F of Sindh Act XV of 1973

سنڌ ايڪٽ نمبر XXXI مجريہ 1994

SINDH ACT NO.XXXI OF 1994

سنڌ سروس ٽريبيونلس (ترميم) ايڪٽ، 1994

THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ACT, 1994

[16 جنوري 1995]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ سروس ٽريبيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سروس ٽريبيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سروس ٽريبيونلس (ترميم) ايڪٽ، 1994 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act XV of 1973

2. سنڌ سروس ٽريبيونلس ايڪٽ، 1973 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾، شق (a) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(aa) "ڪارپوريشن" مطلب هڪ ڪارپوريشن يا ادارو جيڪو صوبائي قانون سازي ذريعي جوڙيو يا قائم ڪيو ويندو."

3. ڇاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3_D کانپوءِ، هيٺيون نيون دفعات شامل ڪيون ويندیون:

(ڪارپوريشن جا ملازم سرڪاري ملازم ڇاتا ويندا) "3_E. جيستائين ڪجهہ ڪنهن قانون جي متضاد نہ هجي، سروس آف ڪارپوريشن کي صوبائي ملازمت پڌرو ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪارپوريشن ۾ عهدو رکندڙ هر شخص سواءِ ان ماڻهو جي جيڪو ڪارپوريشن ۾ ڊيپوٽيشن تي آهي، هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ انهن کي سرڪاري ملازم ڇاتو ويندو."

(ڪارپوريشن جي ملازم جي التوءِ هيٺ ڪيس ختم ڪرڻ) "3_F. ڪارپوريشن ۾ عهدو رکندڙ ڪنهن شخص جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل ڪنهن عدالت ۾ التوءِ هيٺ سمورن مقدمن، اپيلن ۽ درخواستن کي سنڌ سروس ٽربيونلس (ترميم) ايڪٽ، 1994 جي شروعات کان اڳ ختم ڪيو ويندو: بشرطيڪ اهڙي مقدمي، اپيل يا درخواست سان لاڳاپيل ڌر ترميمي ايڪٽ جي شروعات جي نوي ڏينهن اندر دفعہ 3 تحت قائم ڪيل ٽربيونل کي اپيل ڪندي."

نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعہ 3_E ۽ 3_F جو اضافو

Insertion of sections 3_E and 3_F of Sindh Act XV of 1973